# 256 CS (MAIN) EXAM, 2010

**A-DTN-K-JM-19**

# SINDHI

## (ARABIC)

## (Compulsory)

*Time Allowed : Three Hours* | *Maximum Marks : 300*

### INSTRUCTIONS

***Candidates should attempt ALL questions.***

***The number of marks carried by each question is indicated at the end of the question.***

***Answers must be written in Sindhi (Arabic Script) unless otherwise directed.***

***In the case of Question No. 3, marks will be deducted if the précis is much longer or shorter than the prescribed length.***

---

سوال ۱ - هيٺين مان ڪنهن به هڪ وشيه تي اٽڪل ۳۰۰ لفظن ۾ مضمون لکو :- ۱۰۰

(i) ڇا قانون عزت جي بچاءَ لاءِ قتل ٿيڻ کي روڪي سگهندو؟

(ii) ڪاڌي جي شين ۾ ملاوٽ جو خطرو.

(iii) انڌ وشواس بنام منطق (تڪ-شيل هئڻ).

(iv) تعليم ۽ سماجي پريورتن.

(v) ڇا سوچنا جي آڌڪار واري ائڪٽ ذريعي، سرڪاري انتظام صاف ۽ انصاف پريو بڻائڻ جي خاطري ملي سگهي ٿي؟

خيال کان به گهڻو اميدن ڀريو آهي. هِن کيتر ۾ کوجنا ۽ تڪنيڪي نواڻ آڻڻ تي به گهڻي سيڙپ ڪئي پئي وڃي. ان سان گڏ تمام اوچي معيار وارا روزگار جا وجهه به پيدا ٿيا پيا وڃن، جن ۾ ڪُشل ۽ اوچي معيار وارا عهدا به آڇيا وڃن ٿا.

دنيا جي مڙني ملڪن ۾، بجلي جي پيدائش جي خيال کان، ڀارت ڇهين نمبر تي آهي. ان هوندي به ڀارت ۾ بجلي جو سنڪٽ تمام گهڻو آهي. سورج شڪتي جو استعمال انهيءَ سنڪٽ کي گهڻو گهٽائي سگهي ٿو. ان سان سموري واتاورڻ جي نظام کي هڪ نئون روپ ملندو، جنهن سان سورج شڪتي پيدا ڪرڻ جي کيتر ۾ واڌ ويجهه ٿيندي. اڄ سورج شڪتي جي کيتر ۾، تڪنيڪي خيال کان انجنيري سرشتو تيار ڪرڻ ۽ ان جي استاپنا ڪرڻ بابت گهڻي ۾ گهڻي تقاضا ٿي رهي آهي. هن اُديوگ جي وڪاس لاءِ ضروري آهي ته سورج شڪتي جي پيدا ڪرڻ واري لاڳت خرچ کي گهٽائجي. ان لاءِ ضروري آهي ته يوگيتا کي وڌائجي، پيدائش تي ٿيندڙ لاڳت خرچ کي گهٽائجي ۽ انهيءَ سموري سرشتي تي ٿيندڙ خرچ جي ميزان تي ڌيان رکجي.

سوال :- (1) پراڻي نفوني جي ٻارڻ تي آڌار رکڻ کي اسين ڪيئن گهٽايون ؟

(4) سورج-شڪتيءَ جي استعمال مان ڪهڙو فائدو آهي؟

(5) سورج-شڪتيءَ جو استعمال اڃان تائين عوام ۾ ايترو پيارو ڇو نه ٿيو آهي؟

(6) عام ماڻهن جي پهچ ۾ سورج-شڪتيءَ کي آڻڻ لاءِ ڇا ڪيو پيو وڃي؟

(7) سورج شڪتيءَ جي کيتر ۾ آسان جي نوجوانن کي اوچي معيار وارا ۽ ڪشلتا وارا روزگار ڪيئن ملي سگهندا؟

(8) سورج شڪتيءَ جي قيمتن کي ڪهڙيءَ طرح گهٽائي سگهبو؟

سوال 3 - هيٺ ڏنل نثري جو سارُ اُن جي هڪ ٽئين حصي ۾ لکو. اهو ضروري نه آهي ته نثري جو سرو به ڏنو وڃي. سارُ جيڪڏهن هڪ ٽئين حصي ۾ نه ٿيو، ته ان جي نتيجي طور مارڪون ڪٽجي سگهن ٿيون. نثري جو سارُ جدا ڏنل پنن تي لکڻ ضروري آهي. پوءِ اهي پنا جوابي ڪاپيءَ اندر مضبوطيءَ سان ٻڌو.

60

جيڪڏهن ڪلا کي هرهڪ خاص ڳالهه کي اظهار ڏيڻو آهي ته پوءِ لازمي طور ان کي گذريل ڳڻن جي حدن کي ٽوڙڻو پوندو، ۽ پراڻين ڪلپنائن ۽ مانسڪتا جي ٻنڌڻن کي جهٽڪو ڏيئي ٽوڙڻو پوندو. جيئن هڪ لڳاتار وهندڙ پرواهه آهي. ان جي رفتار ڪرانتيءَ جي پرڪريا دوران وڌيڪ تيز ٿي ويندي آهي، جڏهن تبديليون تيزيءَ سان ۽ بنيادي

آهي، نه ٽيليفون هن جي ڪنن جو. هوائي جهاز ۾
عنصر ظاهر ڪري ٿو "گلوبلائيزيشن ڪري ڪندڙ ڏکي ڳاڙهي"
جاڳڻ ڳالهه ۾ ڪهڙو شاعراڻو انصاف آهي؟ اِها
فقط دقيانوسي سامبرداڻي ڪنٽا آهي. هُن به ڪنهن زماني
۾ هڪ يڳانگت ڪاري ڪوجهه هو، جيڪو اڄ ٽرڪيڻ آهي.
نوان اوزار تيار ڪري جي انسان جي اڪثر پرتيڀا کي
نظرانداز ڪري، سماجي پرنيورتن جي نيمت کي نظرانداز
ڪرڻ برابر آهي. سانچو ڪلاڪار اِن ڳالهه کي ڪڏهن به
قبول نه ڪندو. "ڪلاڪار جيوڪ آتپادن وانگر وڌيڪ
۽ وڌيڪ پيدا ڪري ٿو" اِئين رونيرا ڊيڪٽو نالي هڪ
مئڪسيڪو جي مهان ڪلاڪار جيو آهي. هو اِهو به چوي
ٿو ته "جيئن وڻ هر سال ڦل-ميوا ۽ گل پيدا ڪري ٿو
۽ وري اُنهن جي چٽاڀي ناس ٿي وڃڻ تي اُداس ٿيو
ٿئي، جيڪڏهن ته اُن کي خبر آهي ته وري به مند ۾ گل
نڪرندا ۽ ڦل-ميوا پيدا ٿيندا". ڪلاڪي فقط جيڪي
آهي، اُن جو اظهار ڪرڻو نه آهي، پر جيڪي هئڻ گهرجي
تنهن کي به ڌيان ۾ رکڻو آهي. اُن کي فقط نراس ڪندڙ
پراجيه جو نه، پر روپانترت سمپاوناڻن جو به اظهار
ڪرڻو آهي.

سوال 4 ـ هيٺ ڏنل انگريزي ٽڪري جو سنڌيءَ
۾ ترجمو ڪريو :- 20

The world does not need extraordinarily talented people. It does not need highly skilled people either. It has plenty of super-intelligent people. We need ordinary people with extraordinary motivation. M.K. Gandhi was an ordinary man with amazing motivation to establish truth and justice. The Wright brothers were ordinary people with a dream of flying.

You can also achieve exceptional results if you are inspired with a higher ideal. Replacing 'inspiration' with 'information' has led to knowledge being viewed as drudgery rather than as pleasure. Education has degenerated to data being transmitted from the teacher to the taught without igniting the minds of the young with a higher purpose.

How many of us wake up inspired, looking forward to a day of service ? Who among us finds exhilaration in contributing to society ? Life changes magically from boredom to excitement when you are inspired to serve. You redefine norms and achieve the impossible, paving the way to outstanding success. You find happiness at work, not in escaping from it. Most importantly, you evolve spiritually and attain Godhood.

Inspiration gives ordinary people the courage and hope to make life better for themselves and for posterity. Find inspiration and life will transform into an exciting adventure of self-discovery.

سوال ٦ - هيٺ ڏنل ٽڪري جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو:-

20

اڄ وڏين جي سماجي جوابدارين جي باري ۾ ڳالهائينداسين، جن ۾ ڳالهين جي باري ۾ چوندس، جيڪي نسبتن نوجوانن لاءِ آسان آهن، پر وڏي عمر وارن لاءِ سمجهڻ مشڪل آهن. اهو اِن ڪري آهي، جو نوجوانن ۾ هڪ آهڙو ڳڻ آهي، جيڪو عام طور عمر جي وڌڻ سان گهٽبو ٿو وڃي. اهو آهي لچڪ جو ڳڻ. لچڪ هڪ اهو ڳڻ آهي، جيڪو وڏن جو اڻوٽ حصو آهي ۽ سڀاويڪ طور نوجوانن کي حاصل ٿيل آهي. هي هڪ اهڙو ڳڻ آهي، جيڪو عمر جي وڌڻ سان اُڏامي ٿو وڃي. اِنهيءَ هوندي به اِنهيءَ ڳڻ جي موجوده وقت ۾ اسان جي بي آرام دنيا کي گهڻي ضرورت آهي.

گذريل ٽن صدين کان سائنس جي حاصلاتن اسان جي سماج تي جو گهڻو اثر ڪيو آهي، پر ٿلهي ليکي ماڻهن کي اِها پوري نه پئي سگهي آهي ته اسان جي دنيا سائنس کان ڪيترو متاثر ٿي آهي، تنهن ڪري ان جي سمجهڻ جي پروا ڪئي آهي. نيوٽن جي زماني کان وٺي، ماڻهن محسوس ڪرڻ شروع ڪيو ته شيون اجهو

جي ذريعي، جنهن جو آڌار سائنس جون کوجنائون آهن، اسين گهڻيئي نفعا ۽ آرام حاصل ڪري سگهنداسين.
ماڻهن اهو به محسوس ڪرڻ شروع ڪيو ته دوائن ۽ علاج جي طريقن کي سائنس جي کوجنائن سان لاڳو ڪرڻ سان اسين وڏي عمر ماڻي سگهنداسين.

ليئونارڊو ڊ ونشيءَ جي زماني کان وٺي، ماڻهن اِن ڳالهه کي سمجهايو ته لڙائين کي جيتڻ ۾ به سائنس گهڻي مدد ڪري سگهي ٿي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن ٽيڪنالاجيڪل پوئتا جو پڻ وڪاس ٿيندو ويو. نئين ٽيڪنيڪي علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ تقاضائون وڏيڪ زوردار ٿينديون ويون. اِن طرح گهڻي ۾ گهٽا ماڻهو، سائنسدان ۽ ٽيڪنيڪي ماهر بڻجڻ لڳا.

سوال 6 - (الف) هيٺين مان ڪن به پنجن محاورن ۽ پهاڪن جي معنيٰ لکو، پوءِ اُهي جملن ۾ ڪتب آڻيو: -

آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ، هٿ ڍلا هڻڻ، پيٽ ۾ لت ڏيڻ؛ اکيون ڏيکارڻ؛ ٽڪرين ڪُتي آنڊا گلڙ جيڻ؛ جتي وڻ نه آهي، اُتي ڪانڊيرو به درخت؛

آئي ٽانڊي کي ٻورچاڙ تي ويٺي ، اينڊو سيکو
ڏسي ، ويندو ڇو ب نه ڏسي . 10

(ب) هيٺين مان ڪن ٻ پنجن جي ٻار واچڪ
سنگيا (اسم ذات) لکو :- 10

شهيد ، ماڻهو ، ٻندو ، سياڻو ،
جيرو ، ورهاڱو ، مُناڪجهه ، آزماڻو

(پ) هيٺين مان ڪن ٻ پنجن جا وشيشڻ
(صفتون) لکو :- 10

جبل ، رڍ ، پٿر ، اڄ
حُسن ، ٻل ، طبيب ، گهوڙو

(ٻ) هيٺين مان ڪن ب پنجن جا ورودي آرٿ
وارا (ضد) لفظ لکو :- 10

امير ، سرگهه ، لاهي ، آباد ،
جديد ، قديم ، ديش ، ساکي.